

# لطيف سائين جا لاٿ تان پيرا

محمد سومار شيخ



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا

محمد سومار شيخ

تنظيم فڪر و نظر سنڌ،
سکر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ڪور تي ڀٽ شاهه عبداللطيف جي لاڙ تان پيرن وارا ماڳ مڪان.

مٿين قطار، ساڄي کان کاٻي:

١- شاهه عبدالڪريم جو روضو.
٢- شاهه ڪريم جي روضي تي چٽسالي.
٣- شاهه ڪريم جي روضي تي لڳل ڪتبو.
٤- هجرو شاهه لطيف، ڀٽ شريف.
٥- مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جي مسجد شريف، ٺٽو.
٦- شاهه لطيف جي رياضتگاهه، ٺٽو. ٧- اسلام پور مسجد، مڪلي.
٨ نوريءَ جي ماڙي هيلاين جي ٽڪري، ٺٽو.

هيٺين قطار، ساڄي کان کاٻي:

٩- درگاهه قرهيو پانداري، بدين.
١٠- تجر شاهه حسن، جوڻاهه (بدين).
١١- بدين ۾ شاهه جو اوتارو. ١٢- شاهه جي منزل گاهه، تلهار.
١٣- نانگي شاهه جو آستان، ونگو.
١٤- جمال شاهه جي حويليءَ جا آثار. ١٥- پراڻ جو نظارو.
١٦- درگاهه ڏارو شاهه، (تصوير مرحوم نورحسين ٽالپر ٽنڊوباگو)
١٧- خليفي دودي نهڙيي کي تحفي طور ڀٽ شاهه لطيف جي گوڏڙي. آرٽ: قادربخش ملاح.

---

ڪتاب جو نالو: لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا
ليکڪ: محمد سومار شيخ
ڇپائيندڙ: جناب پروفيسر اسد الله ڀٽو صاحب، صدر تنظيم فڪر و نظر سنڌ، سکر.
ڇپيندڙ: مبين پرنٽنگ ايجنسي، گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ.
تعداد: هڪ هزار (١٠٠٠)
سال: ١٩٨٦ع
قيمت: ١٥-٠٠

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# فهرست

مهاڳ ــ ــ ــ ــ ــ ــ ــ ــ ــ ــ ــ ٥

## باب پهريون

شاهه لطيف جو ٺٽي تان پيرو ٨-٤٧
- شاهه لطيف جو بلڙي تان پيرو ٩
- لطيف سائين ۽ صوفي سلام الله ١٢
- شاهه لطيف ۽ جمعون ملثون ١٤
- شاهه لطيف جو هيلاين جي ٽڪريءَ تان پيرو ١٥
- شاهه لطيف جو ڪينجهر تان پيرو ١٧
- شاهه صاحب ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي ٢٣
- شاهه ۽ مخدوم ﷺ هاشم جو پلاري ڏيهه وڃڻ ٢٦
- شاهه صاحب ۽ ميون نارو دل ٢٩
- شاهه صاحب ۽ ميون ابراهيم آڏيلو ٣٢
- شاهه صاحب جو پنيور تان پيرو ٣٣
- شاهه صاحب جو ڪلاچي تان پيرو ٣٧
- لطيف سائينءَ جو لاڙ جي بندرن تان پيرو ٤١

## باب ٻيون

ڀٽ ڌڻيءَ جو ڀٽيهل تان پيرو ٤٨-٦٧
- شاهه عبداللطيف جو آگڙي تان پيرو ٤٨
- لال لطيف جو راهوڪيءَ تان پيرو ٤٩
- ڀٽ ڌڻيءَ جو خليفي دودي تان پيرو ٥٨
- شاهه جو ساري سنگهار جي نهيري تان پيرو ٦٣
- لطيف سائين جو سهٽي ميهار جي پون تان پيرو ٦٥

## باب ٽيون

شاهه لطيف جو ريڻ تان پيرو ٦٨-١٠٥
- ڀٽ ڌڻيءَ جو نانگي شاهه تان پيرو ٦٩
- شاهه لطيف جو لڪڙي تان پيرو ٧٤

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

– شاهه لطيف جو نلهار تان پيرو ٧٦
– بدين ۾ شاهه جو اوتارو ١ ٧٩
– شاهه جو سيد للاڻيءَ تان پيرو ٨٢
– عبداللطيف ڪيسر جي جاهه تان پيرو ٨٥
– درگاهه شاهه قادريءَ تان پيرو ٨٧
– شاهه صاحب ۽ گرو ميڪڻ ٩٠
– شاهه صاحب جو برمان تان پيرو ٩٤
– پٽ ڏٺي جو نرم چار تان پيرو ٩٩
– شاهه عبداللطيف جو قرهٽي پانداري تان پيرو ٩٩
– شاهه جو روپاماڙي تان پيرو ١٠٢


## باب چوٿون


شاهه لطيف جو ساگري درياءَ تان پيرو ١٠٦-١٣٦
– شاهه عبداللطيف جو شاهه عنات رضوي تان پيرو ١٠٩
– شاهه لطف الله قادري جي آسڻ تان پيرو ١١٣
– سيد جمال شاهه بخاري سان ملاقات ١١٧
– شاهه لطيف جي ٺارو شاهه سان ملاقات ١٢٠
– شاهه صاحب جي ڏاتي فقير سان ملاقات ١٢١
– شاهه صاحب ۽ خواجه محمد زمان ١٢٤
– ٻڙ جي ڍوري تان پيرو ١٢٧
– شاهه جو ولاسي تان پيرو ١٣٣


## باب پنجون


شاهه صاحب جو پراڻ تان پيرو ١٣٧-١٥١
– شاهه صاحب جو ونگي تان پيرو ١٣٧
– شاهه صاحب جو پکي ٽر تان پيرو ١٤٠
– ميون مرڪيو ۽ شاهه لطيف ١٤٨
– شاهه جو هجرو ١٥٠


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# مهاڳ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت‌الله عليه، پنهنجو رسالو جوڙي، سنڌي ٻوليءَ کي نئين زندگي ڏيئي ويو، سندس ٻوليءَ جو لهجو ”لاڙي“ آهي، انهيءَ ڪري شاهه عبداللطيف ڀٽائي، دنيا جو عظيم، سنڌ جو لافاني ۽ لاڙ جو پنهنجو تمثيلي شاعر آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا عزيز، خليفا، مريد، دوست ۽ استاد سڀ لاڙ ۾ ڦهليل هئا: بلڙيءَ وارو شاهه ڪريم، بديڻ وارو لال محمد للائي، ونگي وارو جمال شاهه؛ سندس هڏ، چم ۽ رت هئا.

ڪڇ ڏانهن اُسهڻ لاءِ هو لاڙ مان ئي ايندو ۽ ويندو هو، انهن مڙني ڳالهين جي ڪري پٽ ڌڻيءَ تي ”لاڙي“ لهجي جا اثرات ڇانيل هئا.

هونئن ته لطيف سائين، سياحت جو ڌڻي ۽ مسلسل مسافرانه زندگي گذاريندڙ بزرگ هو. هُن پنهنجي زندگيءَ جو وڏو عرصو سفر ۾ گذاريو؛ هو ملتان به ويو. گجرات، مارواڙ ۽ گرنار جو سفر پڻ ڪيائين؛ ڪڇ تان پڻ قربانئا پيرا ڪيائين،— لس ٻيلي جي ڌرتيءَ تي پڻ قدم ڌريائين، اُتر سنڌ، ڪوهستان ۽ ٿر ڏانهن پڻ سفر ڪيائين؛ پر جيترا پيرا هُن لاڙ تان ڪيا، اُوترا ٻي ڪنهن به خطي تان نه ڪيائين. اِهو ئي سبب آهي، جو لطيف سائين جو رسالو، لاڙائي قدرن جو نه رڳو ترجمان آهي، پر اهو رسالو لاڙ جي تاريخ، تمدن ۽ ثقافت جو اهم ماخذ پڻ آهي. انهيءَ ڳالهه کي اڳيان رکي، مون ۽ منهنجي همڪار ساٿي ادا محمد عمر ”معمور“ يوسفاڻي هم خيال و هم صلاح ٿي لطيف جا پيرا کنيا.

هو ڀلارو بزرگ جتي به ويو، اتي کيس ماڻهن جيءَ ۾ جايون ڏنيون ۽ سندس ڳالهين کي پنهنجي ڪچهريءَ جو موضوع بنايو. مون ”لطيف جا لاڙ ڏانهن پيرا“ ڪتاب لکي راس ڪيو، جڏهن ته، ادا ”معمور“ ”لطيف جا ٿر تان پيرا“

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ابوبڪر شيخ ۽ قادربخش ملاح جو به شڪرگذار آهيان، جن سنهنجي مواد کي پنهنجي سهڻي صورتخطيءَ ۾ لکي، پريس لاءِ ڪاپي تيار ڪئي ۽ جناب پروفيسر اسدالله ڀٽو صدر تنظيم فڪر و نظر سنڌ ۽ سنڌس سائين جو به احسان مند رهندس، جن هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ مون کي همتايو ۽ پڻ انهن ڪمپازيٽرن، مشين مينن، پروف ريڊرن، بائينڊرن جو به ٿورو مڃيان ٿو، جن ڏهان ڏينهن هن قافلي کي اڳتي وڌائڻ ۾ واهرو ٿيا. بهر صورت سيني سائين، يارن دوستن ۽ محسنن جا احسان لطيف جون هي سٽون چئي ڳايان ٿو ته:

”ٿورا نه ٿورا مون تي ماروئڙن جا،
تر ۾ واري ڏورڙي، تيئهان گهڻيرا.“

اگر صحت ۽ ساٿ رهيو ته، ادبي قافلي سان اڳتي وڌبو رهبو. انشاالله تعاليٰ.

خادم الادب
محمد سومار شيخ بدين
٢١-٢-١٩٨٦ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڏيان ٿو جيئن شاهه صاحب جي لفظن جي ورڪا سستي جي حضور ۾ نموني طور پيش ٿي سگهي:

”محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار،
پي پيالو اڃ جو، اڃ سين اڃ اُتيار،
پنهون! پاڻ پيار، ته اڃ سين اڃ اُجهائيان.“

—

”سڏائتي سيڪا، ٻڪ نه ٻاسي ڪا
جيهي تيهي ذات جي، جنبش ڪانه جا
مون سين هلي سا، جا جيءُ ميڙو نه ڪري.“

—

”وينس ورک نه اُپڙي، تون آرياڻي آهه،
چڱي توسين چاهه، پاسي پير پيئي رڙهي.“

—

”جبل ساري جک، جو آڏو آريچن ڪي،
توڻي لڪن لک، سپ لنگهنديس سڪ سين.“

—

”آڏ ڏراچا، آهڙا، ڏونگر ڪي ڏاڪا،
ڪم آهه عجيب ڪي، سڪ منجهان ساڪا،
پيئي هٿيڪي هوت ڪي، ڪوڪ وجي ڪنڪا،
منهنجو وسُ واڪا، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو.“

—

”ڏونگر ڏک پئي، ڪيم توسين ڳالهڙي،
پاڻا آئون مٿي، سور سٺائي پرينءَ جو.“

—

”پرتوو پنهونءَ جو، جهڙ جيئن جهالا ڏي،
آئون تنهن آري ڪي، وڃُو راهه، رڻان گهڻو.“

—

”ڪين ڏر تني ماه، ڪين چر سندي سڄڻين،
هـلـي ۽ واجـهـاه، ٻنهين ڇهڙن وچ ۾.“

—

”ڏک لڳو ڏونگر ڀريو، ڀڃڻ ڪـانـي ڀئون،
مـنـا لاتـو مــون، ســنـدو جيئڻ آسرو.“

—

”چانڪر آيس راڳاهين، تان آنهن آيي آهيان،
ڀرت ڀـراهين، هـاڏـي مـران م جـيـان.“

## حوالا

### ڪتاب

- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سسئي پنهون ١٩٦٧ع
- هوتچند مولچند گربخشاڻي: روح رهاڻ
- مولوي محمد ابراهيم بخشياپوري: شاهه جو رسالو ١٩٣١ع
- ڊاڪٽر ارنسيٽ ٽرمپ: شاهه جو رسالو ١٨٦٦ع
- غلام مصطفيٰ قاسمي: شاهه جو رسالو ١٩٥١ع
- قاضي محمد ابراهيم: شاهه جو رسالو ١٩٦٧ع
- مرزا قليچ بيگ: شاهه جو رسالو ١٩٥١ع

## شاهه لطيف جو ڪلاچي تان پيرو

شاهه لطيف لاڙ تان پيري ڪرڻ وقت موريءَ جي مقام ۽ ڪلاچي تان پيرو کيو هو ۽ انهيءَ جوڙي جوان کي ساراهيو هو جنهن معذور هوندي به پنهنجي ڀائرن جو وير مانگرمڇ کان ورتو هو.

سون مياڻيءَ جو رهاڪو اوڀايو ستن ڀٽن جو ڀيءُ هو. انهن ڀٽن جا نالا هئا، پنهير، اگاريو، مانجهانو، للو، سانئر، منجهه، مور، (مورڙو) انهن جي پيءُ جو نالو سيرڻين هو. آهي دلو راه جي ڏينهن ۾ سون مياڻيءَ ۾ رهندا هئا، مورڙو جڏو هو ۽ باقي

”آيي آسڙان آس ۾، جهليو ڪُن ڪنار،
گهاتو گهر نه آئيا، وڏي لڳين وار،
هُيس جنين هار، سي موڙي چڙهيا مڪڙا.“

—

”ڪالهه ڪلاچي ويا، گهاتو ڪري گهور،
مادر ملاحن جا، ويني سهان سُور،
مون ڪي ڪري ملور، اونهي ويا اوهري.“

—

”وحدت جا وجود ۾، ڪي جي پرن پير،
ڏکهاڪري پير، سُتا ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾.“

تخيل جو ڏئي، شعور وارو شاعر پٽ ڏئي مانگر مارن ۽ ٻري تي بچ ڪرڻ جو نظارو پڌرو ڪندي چئي رهيو آهي،

”ڪاهي وڃو ناڪوئا، ڪريو ٻري تي بچ،
جيڪس جهليا مڇ، گهاتو گهر نه آئيا....

– ڪا تي سنڌن ڪنڌيون،
ڪا تي سنڌن رڇ،
گهاتو گهر نه آئيا.
جيڪس جهليا مڇ.

– ڪُن ڪڙڪو ڏاڍو،
اتو اڳيان اڇ،
گهاتو گهر نه آئيا،
جيڪس جهليا مڇ.

– اڏيون عبداللطيف چئي،
سڀ لنگهندا چڇ،
گهاتو گهر نه آئيا،
ڪريو ٻري تي بچ....

جڏهن پٽ ڏئي ڪلاچيءَ تان پيرو ڪري رهيو هو، تڏهن نڪو ڪلاچيءَ جو ڪُن هو، نڪو وري اهڙو ماحول

– خليفو محمد رحيم سوڍو- ڳوٺ گولو بندرو بدين
– پير عاليشاه جيلاني- بدين-

كتاب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- مورڙو ۽ مانگرمڇ
" " سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ
" " شاهه جو رسالو
" " شاهه جو رسالو
" " شاهه جو رسالو
" " شاهه جو رسالو

## لطيف سائين جو لاڙ جي بندرن تان پيرو

جن ملڪن ۾ بندر آهن، آهي ملڪ واپاري طرح سان شاهوڪار آهن. دنيا جا ڪئين اهڙا ملڪ آهن، جن ڪي بندر نه آهن آهي ملڪ بندر وارن ملڪن جا محتاج هوندا آهن. ساموندي سفر لاءِ بندرن جو هئڻ ضروري آهي سنڌ جو ڏاکڻيون حصو لاڙ (جنهن ۾ موجود بدين، ٺٽو، ۽ ڪراچي ضلعو به اچي وڃن ٿا) بندرن جي ڪري مشهور آهن، هينئر پڻ قاسم بندر ۽ ڪراچي بندر اهڙا وڏا بندر آهن، جن جي ذريعي سڄي دنيا سان اسان جو واپاري ناتو قائم رهي ٿو.

شاهه عبداللطيف جي ڏينهن ۾ اسان جي لاڙ واري خطي ۾ تمام گهڻا بندر هئا، ۽ لاڙ سڄو ئي وڻجارن جو ديس هو، شاهه صاحب لاڙ جا مڙيئي بندر ڏٺا هئا ۽ وڻجارن جي سماجي ۽ ثقافتي چرپر سان گڏ معاشي هلچل پڻ پسي هئي لاڙ جي قديم بندرن مان لاڙي (لهري) بندر، گهري بندر، سنڌو بندر، شاهه بندر، اورنگا بندر، وڪر بندر، علي بندر ۽ سنڌڙي بندر اهڙا اهم بندر هئا، جتان وڻجارن جون ويهون واپار لاءِ ٻاهر ويندڙيون هيون ۽ لنڪا لوڙيو ايندڙيون هيون. لاڙ جا مانجهي

پيري ڪرڻ وقت، پنهنجي تاريخ جا، اهم اشارا ڏنا پر سامونڊين جي ختم ٿيندڙ دنيا جا لفظ به سنڌي ٻوليءَ کي تحفو ڪري پيش ڪيا؛ جن مان: واپاري، سامونڊي سوداگر، وڻجهارو، وڻجهاري، ملاح، سڪاڻي، ناکٽو، مهاڻو، ڪشتيبان، ٻيڙياتو، سونهون، معلم، رهبر، ٽوپو، غواص، ٻوچارو، فرنگي، چور، صراف، جوهري، وينجهار، موتي، ماڻڪ، لعل، جواهر، هيرا، سپون، ڪاٺو، شيهو، لونگ، ڦوٽا، ڪپڙو، داڻا، (اناج جا) جهاز، غوراب، مڪڙي، دنگي، ترازو، چيتر، وڏاندريون، پاڪري، هوڙاڪ، سڙهه، دوربين، ڦرهو، تختو، لاچو، اولو، ٻوٽاڙو، ڪوهو، سونهن، سڪاڻ، ننگر (لنگر) ناتاري، ڪير، ترهو، پڳهه، ناڙي، ونجهه، ڏيج، اوڙاهه عميق، نيڙو، ساٿر، نير، پار، ڪارو، اونهون، پُربندر، عدن، لنڪا وغيره شاهه صاحب سُر سوراڳ ۾ سامونڊيءَ مان اهي لفظ کنيا ۽ انهن کي تاريخي اهميت ۽ افاديت بخشي. انهيءَ ڪري شاهه لطيف، سنڌي ٻوليءَ جو جياريندڙ، تاريخي ماخذ ۽ وڃايل ورقن کي واريندڙ ڪري ڳڻيون، ته اجايو نه پر سچايو سمر ٿيندو ۽ شاهه جي انهن پيرن تان هلي، اسان پنهنجي سامونڊي سفر جي تاريخ جوڙي سگهون ٿا. ۽ اها تاريخ نه رڳو لاڙ جي، پر سنڌ ۽ دنيا جي سامونڊي سياحن جي تاريخ هوندي، جنهن ۾ لاڙ جا وڻجهارا مهڪندي ۽ ٻهڪندي نظر ايندا ۽ اسان کي پنهنجي ماضيءَ جو وڃايل ورق ملي ويندو.

## حوالا

**ڪتاب:**


- رحيمداد مولائي شيدائي- تاريخ تمدن سنڌ
- فقير لونگ سولنگي، شاهه جو رسالو (قلمي نسخو)
- سيد مٺو شاهه- شاهه جو رسالو (قلمي نسخو)
- محمد سومار شيخ- لاڙ جا قديم آثار (قلمي نسخو)


books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

- محمد سومار شيخ- بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ- ١٩٧٥ع
- محمد سومار شيخ- لاڙ جا قديم آثار (قلمي نسخو)
- محمد سومار شيخ- لاڙ جو آب پاشي نظام (قلمي نسخو)

راوي

- خليفو محمد نهڙيو- نزد ترائي- گولاڙچي
- عبدالعزيز جعفراڻي- سجاول
- قادربخش ملاح- بدين
- صاحبڏنو شيخ- بدين
- عبدالعزيز گهراڻو- بدين

—




books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

”شاھ“ دودي ڏانھن ٻيو ماڻھو موڪليو تہ ”ميان دودا مون کان ٿي وڃ“ اُن وقت ھن وري وڃڻ کان انڪار ڪيو. ھن کي ياد آيو تہ: ”مون جڏھن ٻيون ڏھو رکيو ھو، اُن جي پڇاڙي تي جڏھن ميان سراج الدين ڏانھن روانو ٿيو ھوس، تڏھن مون کي اشارو ٿيو ھو تہ، ’ميان دودا ويھہ رھہ، تو مان رت جي ڇٽ ٿي اڇي‘ ۽ اُن وقت شاھ جو قاصد واپس پھتو ھو. ۽ ھن بزرگ جي انڪار جي ڳالھہ وڃي شاھ سان ڪئي ھئائين. شاھ صاحب ساڳي قاصد جي ھٿان، دودي کي نياپو موڪليو تہ: ”تون مون کان ٿي وڃ“ ۽ ھن کي ياد آيو تہ مون جڏھن ٽيون ڏھو رکيو ھو تڏھن مون ۾ نہ اُن جي بوءِ ھئي نہ رت جي ڇٽ، تڏھن وڃي مون کي روحاني فيض مليو ھو. آءٌ جيئري مري ويو ھوس، تڏھن وڃي ھوتن سان مليو ھوس شاھ صاحب فرمايو آھي تہ:

”جي تون ڪالھہ مُئين، تہ ڪالھہ ٿي ڳڏي پرينءَ کي،
ڪڏھن ڪانہ مئين، تہ ڪا سگھي ڳڏي سڄڻين.“

دودي جي سوچ جو انداز فنائيت کان پوءِ بہ ختم نہ ٿيو، ۽ ھو اروٽ نڪري پيو:

”اڇا تو منجھان ڪڪ ڇُٽي رت نڪري،
منھن ۾ محبوب جا، ڪٿين جھلدئين گھاءَ.“

شاھ صاحب کي اِھا آڏ وڏائي نہ وڻي. جيڪو دودي کي خطرو ھو اھو فقير کي ڏکيو لڳو، انھيءَ ڪري ڏيھہ ڏٺي ڏمرجي پيو. دودي کان فيض ويو ۽ ھو روحانيت جي راڄ مان ڌڪجي دنيا جي راڄ ۾ پھچي ويو. شاھ سُر ”سسئي“ ۾ چيو آھي:

”ھٿان تو ٻئي، ٿي ڪَڇو ڪيڇين کي چوين؟“

دودي شاھ کي ڪجھہ بہ ڪونہ چيو، چوتہ پاڻ شاھائي امتحان ۾ ناپاس ٿي پيو. وات مان نڪتل لفظ ۽ گذريل وقت وري ھٿ نہ ايندا آھن.

رکن ٿا. شاهه لطيف ”جهول جا جهرڪا“ ڳايا آهن. انهيءَ ڪري اهو قصو پڻيهل سان وابسته ٿي ٿو. لطيف سائين قرهڻي پانداريءَ تان پيري ڪرڻ وقت، پڻيهل جي ڇيڙي تي، سهڻي ميهار جي قبرن جي زيارت ڪرڻ ويو هو. ۽ انهن کي ختمو بخشيو هئائين.

## حوالا

### ڪتاب

- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سنڌي ٻولي جي مختصر تاريخ- (ٻيون ڇاپو).
- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- ”سهڻي ميهار“ مطبع سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، سنڌ.
- محمد سومار شيخ- لاڙ جا عشقيه داستان- (قلمي نسخو)
- محمد سومار شيخ- لاڙ جو آب پاشي نظام- (قلمي نسخو)
- محمد سومار شيخ- بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ- ١٩٨۴ع
- محمد سومار شيخ- پنجاب ۽ سنڌ جا ثقافتي ناتا- (قلمي نسخو)

### راوي

- خليفو محمود نوحاڻي ڪريچ وارو- گولاڙچي
- مرحوم شيخ راڻو قرهڻي پوتو- ڳوٺ قرهيو پانداري- بدين
- مرحوم مٺو فقير نهڙيو- بدين.

—

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چوڪرو ڪيڏانهن ٿا وٺيو وڃو.“ انهيءَ اشاري مان اهو فائدو ٿيو جو محمد حسن شاهه جو، پٽ ڏٺيءَ ڏانهن وڌيڪ توجهه ٿيو ۽ هو شاهه جي رسالي ۾ گم ٿي ويو، ايتري قدر جو مرڻ وقت به اها وصيت ڪيائين ته، ”جتي شاهه صاحب چاليهو ڪيو آهي، مون کي اتي دفن ڪجو.

سچ پچ ته، شاهه صاحب ”ماضيءَ“ ۾ گم نه آهي، پر ڪيس ”حال“ حاصل آهي، سندس ڳالهيون اسان وٽ روشن سمر آهن.

”واڄٽ ويـرا ڳين جا، مون وٽ وڏو مالا،
مـقـالان مهند ٿـيـا، ڪونهي وٽ قـــال،
حاصل جنين حـال، آءٌ نه جيئندي آن ري.“

## حوالا

### ڪتاب

- محمد سومار شيخ. بديڻ ضلعي جي ثقافتي تاريخ- ١٩٨٥ع
- محمد سومار شيخ. بدين جا مشاهير- ١٩٨٥ع
- محمد سومار شيخ. لاڙ جا اولياالله- (قلمي نسخو)

### راوي

- سيد علي ميرشاهه جوڻاهه.

## شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو تلهار تان پيرو

پٽ ڌڻي ريڻ درياهه جو ڪنارو ڏيئي سفر ڪري رهيو هو، پر هو جيئن ته، جڳ کي ڏسندڙ، سڻندڙ سمجهندڙ شاعر هو. انهيءَ ڪري بکو سفر ڪرڻ جي بدران ڏار ڏار جڳهين تي رهندو، رهائيون ڪندو، پوءِ اڳتي اسهندو هو. ڀاڻ ريڻ درياهه جي پيٽ مان بيڙين رستي تلهار پهتو، اتي ڪجهه ڏينهن

رهندو هو، آتي جي پلاري پون ۾ امر ٿيو ويندي هُئي ۽ سندس شعاع ايامن تائين پيو جرڪندو ۽ جلبا وجهندو هو. شاهه صاحب ٻين امر ماڻهن لاءِ چيو آهي ته:

”جتي رهيا راتڙي، سي سونهارا هنڌ“

پر جي آءٌ انهيءَ ڳالهه جي جرئت ڪريان ته، اهي لفظ اسان شاهه صاحب ڏانهن آهرايون ته سَچ پچ

”آتــــل اوڏانهن تــڪــي،
جيڏانهن پيجهل پُرائي.“

۽ ڳالهه ملهائتي ٿي پوي. شاهه صاحب جن جڳهين تي رهيو آهي، آهي اڄ به عقيدت ۽ احترام جـون جايون ڳڻجن ٿيون جن مان بديڻ وارو شاهه جو اوتارو پڻ هڪ آهي.

هن اوتاري تي شاهه صاحب ايندو هو، تڏهن راڳ رنگ جون محفلون مچنديون هيون، آهي محفلون، شاهه جي پيالي پي وڃڻ کان پوءِ به جـاري رهيون. شاهه جو اوتـارو موجوده بـديـڻ ضلعي جي مـاڻهن جـو خصوصـاً لاڙ واسين جـو عموماً راڳداريءَ جو مرڪز رهيو. انهيءَ اوتاري تي نه رڳو شاهه جو راڳ ٿيندو هو، پر شاهه قادريءَ جي ميلي وقت ته هر قسم جا ڳائيندا انهيءَ آستان ڪـي پنهنجي راڳداريءَ جـي ورـثي وارو آستان سمجهيو اچيو مانجهاندو ڪندا هئا ۽ اوتاري تي پنهنجي راڳداريءَ جا جوهر ڏيکاريندا هئا. اِهو دستور اوستائين جاري رهيو جيستائين شاهه قادريءَ جي ميلو لڳندو رهيو، تازو ڪجهه سالون ٿينديون ته، سائين عاليشاهه جيلانيءَ جي وصال کان پوءِ شاهه قادريءَ جو ساليانو ميلو ڪونه ٿو لڳي ۽ انهيءَ اوتاري تي راڳائي فقير به وڏي تعداد ۾ ڪونه ٿا اچن.

شاهه صاحب پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ هن جڳهه تي گهڻو اچيو رهندو هو. هتي پاڻ وڏو باغ به پوکيو هئائين جنهن کي شاهه جو باغ چيو ويندو هو. اِهو باغ قاضيا واهه تائين ڦهليل هو. شاهه جي پيالي پي وڃڻ کان پوءِ اِهو اوتارو شاهه جي فقيرن سنڀاليو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

راوي

- مرحوم الهڏنو سونارو- بدين
- مرحوم لونگ فقير سولنگي- بدين
- پريو فقير سولنگي- لڳ بدين.

## شاهه عبداللطيف جو سيد للاڻي تان پيرو

پٽ ڌڻي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جن جڳهين تان ڦيرا
ڪيا، انهن مان شهاب الدين ملتاني جو قبرستان به هڪ آهي.
اِهو معروف ۽ تاريخي قبرستان بدين شهر کان اتر اولهه طرف
ٻن ميلن جي مفاصلي تي واقعي آهي. انهيءَ قبرستان ۾ جتي
شهاب الدين ملتاني آرامي آهي، اُتي سنڌ جي تاريخ سان وابسته
مظفربيگ ارغون جو سنياليندڙ امير علي ڪوڪي جون به شهيد
نياڻيون پڻ آرامي آهن، جن جون تربتون اڇي پٿر جون آهن
۽ انهن تي قرآن پاڪ جون آيتون ۽ ڪتبا واضح لفظن ۾ لکيل
آهن هن قبرستان ۾ جرڪس ڏنائيءَ جو والد محترم ڏنون درس
به آرامي آهي ته شاهه عبدالڪريم بلڙائيءَ جو والد محترم سيدليله
عرف سيد لعل محمد للاڻي به آرامي آهي. شاهه صاحب جڏهن
به بلڙي شاهه ڪريم کان ٿي، ٽيهل، آڳڙي، ڪنبو ڏسي،
ڳڻي ڊوري سان پٽيهل جي چاڙ ڪنگهار ڇن جي وسيلي موجوده
ڳوٺ ولي محمد خاصخيليءَ جي پرسان ستي پرمان جي قبر تي
ختما بخشي بدين ايندو هو، اُتان کان پاڻ جتي ٻڙ جي ڊوري
جي جتن وٽ ويندو هو، سيفل جي وائي جي پرسان "شاهه جا
ڪير" نالي ماڳ مڪان تي وڃي رهندو هو ۽ ٻين بزرگن
سان ملاقات لاءِ هليو ويندو هو، اُتي هو پنهنجي وڏي بزرگ
سيد لعل محمد للاڻيءَ جي زيارت ڪرڻ لاءِ شهاب الدين جي
قبرستان ڏانهن پنڌ پوندو هو.

سيد لعل محمد شاهه للاڻيءَ لاءِ تحفة الڪرام جو صاحب
مير علي شير "قانع" رقم الطراز آهي ته، "پنهنجي وقت ۾ الله تعالي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# حوالا

## راوي

- فقير لونگ سولنگي- بدين
- محمدرضا مهراڻپوٽو- بدين.

## ڪتاب


- اعجازالحق قدوسي، تاريخ سنڌ، جلد II ١٩٧٤ع
- محمدعثمان ڏيپلائي، شاھ جو رسالو- ١٩٦٣ع
- غلام محمد شاھوائي، شاھ جو رسالو- ١٩٦١ع
- مرزا قليچ بيگ، شاھ جو رسالو- ١٩١٣ع
- محمدسومار شيخ، بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ- ١٩٨٤ع
- محمدسومار شيخ: لاڙ جا اولياالله- (قلمي نسخو)


## عبداللطيف ”ڪيسر“ بديڻائي جي جائي تان پيرو

عبداللطيف ”ڪيسر“ ملان بدين جو هڪ معروف بزرگ هو- هن پلاري بزرگ جي پيٽين تان پٽ ڏٺيءَ پيرو ڪيو هو.

شاھ صاحب ساڻول جي مڙهيءَ جي پرسان پنهنجي اوتاري ۾ رهندو هو- آتي ڪنهن ڪيس هڏايو هو ته، ”عبداللطيف ڪيسر بدين جو معروف عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. ڪي چون ٿا ته، ساڻول فقير ٿي شاھ صاحب کي عبداللطيف ”ڪيسر“ جو ڏس ڏنو هو ته: ”اوهان جي نالي ياڻي شاھ جهان ۽ اورنگزيب جي ڏينهن ۾ هتي جو معروف بزرگ هو. عالم هو، فاضل هو ۽ آن سان گڏ سنڌي عربي ۽ فارسيءَ جو ماهر پڻ هو.“

پوءِ پٽ ڏٺي شاھ جهاني مسجد ۾ انهيءَ جڳهه تي ويو هو، جتي عبداللطيف ڪيسر رهندو هو.

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

"ڪر قادري پير ڪرم، مٿي پاڙيءَ پنهنجي،
جوماري منجهه مرم، سو غم گيلاني ڪاٽئين."

شاهه صاحب جا غم ۽ گوندر درگاهه شاهه قادري جي زيارت کان پوءِ ڪٽبا هئا ۽ هو سرهو ۽ سنرو ٿي پنهنجي اوتاري تي موٽي ايندو هو ۽ پنهنجي سانول فقير يار سان رهاڻ ڪندو هو.

## حوالا

### راوي

- مرحوم پير عاليشاهه جيلاني- بدين.
- مرحوم شيخ الهه بچايو قرهٽي پوٽو- بدين.
- مرحوم پريو فقير سولنگي- بدين.
- مرحوم لونگ فقير سولنگي- بدين.

### ڪتاب

- محمد سومار شيخ: شاهه قادري- ١٩٥٦ع
- محمد سومار شيخ: بدين شهر جي ثقافتي تاريخ- (قلمي نسخو)
- محمد سومار شيخ: بدين جا جيلاني پير (" ")
- مرزا قليچ بيگ: شاهه جو رسالو- ١٩١٣ع
- پير عاليشاهه جيلاني: شجره قادري- ١٩٥٢ع

## شاهه صاحب ۽ گرو ڀڳت ميگهه

بدين جي پرسان، تورو ڪاڇيل ڀٽ تي هڪ ويدانت جو وير، ناگا بنٿ جو وڏو گرو، جوڳي ڀڳوان ڀڳت، ميگهداس رهندو هو. سندس پرسان ناڱ ٻلائون، ڳدڙ، ٻگهڙ، ڀتون ۽ ٻيون ساهه واريون شيون ڀيون اهنديون ۽ ويديون هيون ڪنهن

جو حڪم آهي تہ: ”تعليم چين ۾ ملي تہ اُتان بہ حاصل ڪريو.“ انهيءَ حڪم تي عمل ڪرڻو هو. سيد جا ٻچڙا رسول جي احڪامن تي نہ هلندا تہ ٻيو وري ڪير هلندو سو پٽ ڏٺي استاد کي هدايو تہ اهي ورق منهنجا اڳي ئي ورايل آهن. انهيءَ ڪري مون کي عملي ودیا ڏيو، اڪري نہ. ميڪڻ ڏٺو تہ اهو سيد جو ٻچڙو، وڏا وڏا ڇلانگ تو لڳائي ڪيس ڏسجي تہ پاڻ ڪيتري پاڻي ۾ آهي. پوءِ ڪانئس وديا جا ٻہ ٽي سوال ڪيا ۽ صحيح جواب معلوم ڪري يڳت ميڪڻ ڏاڍو سرهو ٿيو ۽ عملي طرح سان، ڪيس گيڙو رتا ڪپڙا پهرايا. ڏوتي اوڍرائي. جڙيو پهرايو، تلڪ لڳايو. پوءِ امر ڪيو تہ ”بديڻ جي بازار ڪان ٿي اچ.“ شاهہ صاحب ائين ئي ڪيو، هي رڳو ميس مارڻ جو سبق هو. پاڻ کي نيچو نوائڻ جو سبق هو، ۽ لاڄ جي ڏرتي وانگر نمنديءَ جو سبق هو. شاهہ صاحب اُن تي پورو لٿو. ماڻهوءَ متاثر ڪليا، انهن جو خيال ڪونہ ڪيائين گروءَ موڪليو ٿي ايتري لاءِ هوس تہ هٿڻ جون حدون ڇڏي نينهائينءَ جي نيهائي ۾ داخل ٿئي. پهرين آزمائش ۾ ئي لطيف ڪامياب ويو، ۽ لطيف کي هن پنهنجو سچو ٻالڪو ڪري مڃيو. خيال پچائڻ ۽ جوڳ جون پيون ڳالهيون لطيف کي ميڪڻ ڏسيون ۽ مسجد اندر توڙي مندر اندر، دل ۾ ڏٺيءَ کي ياد ڪرڻ جون ڳاليهون يڳت ميڪڻ شاه لطيف کي سيکاريون. ميڪڻ ڪيس چيو تہ، ”دل ۾ ڏٺي ياد ڪندو ڪر ۽ مرد، جيڪي هوڏي ۽ هٺ جا ڏٺي آهن انهيءَ ڪان ۽ انهن جي عادتن ڪان يڳت ميڪڻ شاه صاحب کي پاسي ٿيڻ لاءِ چيو ۽ عورتن جهڙي نماڻائي ۽ نهٺائي ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو.“ انهيءَ اثراتن جي ڪري شاهہ صاحب ”آديون شاهہ لطيف چئي“ جو خطاب شاعري ۾ اختيار ڪيو.

هڪ ٻي روايت آهي تہ، يڳت ميڪڻ سڪيا وقت شاهہ

- ميوو فقير مڱڻهار- ٽري

كتاب

- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: شاهه عنات رضوي جو ڪلام رسالو.

## شاهه لطف الله قادريءَ جي آستان تان پيرو

ساڪري جي سير اگهاماٽي کان ولاسي سامهون وهندي هئي. شاهه صاحب ساڪري تان پيرو ڪرڻ وقت اگهاماٽي تان پيرو ڪيو يا نه ڪيو. انهيءَ لاءِ پوري ڄاڻ نه آهي. پر شاهه لطف الله قادريءَ جي ڪلام جي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو ته، پٽ ڌڻي اگهاماٽي ۾ شاهه لطف الله قادريءَ جي آستان تي ويو آهي.

شاهه لطف الله قادري، شيخ عبدالقادر جيلاني (رح) جو مڃتائو هو ۽ شاهه صاحب به قادري طريقي جو هو. گمان غالب آهي ته، جڏهن ڀاڻ اگهاماٽي ۾ پير گهمايا هوندائون تڏهن لطف الله قادريءَ جي مرقد ۽ جڳهه تي ويا هوندا.

شاهه لطف الله قادري ۱۰۹۰ هه ۾ وصال ڪري ويو هو. شاهه صاحب ۱۱۰۲ هه ۾ ڄائو هو، شاهه صاحب جي جوانيءَ واري وقت ڏاري ساڪري جو سفر ٿيو هوندو. انهيءَ وقت لطف الله شاهه کي ۳۵ ورهه گذري چڪا هئا، پڪو گمان آهي ته پٽ ڌڻي شاهه لطف الله قادريءَ جي آستان تي ويو هو. انهيءَ لاءِ به وڏيون ثابتيون خود انهيءَ بزرگ جي ڪلامن جي تسلسل ۽ طريقڪار جون شاهد آهن.

شاهه لطف الله قادري پنهنجي ڪلام ۾ سُر ڪنيا آهن، داستان ڪنيا آهن، پر انهن کي ”الف“ کان وٺي ”ي“ تائين نه دهرايو آهي رکيو مڪيه نڪتا ڪڍي پنهنجي مقصد لاءِ روشني حاصل ڪئي آهي. شاهه صاحب پڻ پنهنجي ڪلام ۾ ڪوبه سُر مسلسل نه ڳايو آهي پر مکيه نڪتا بيان ڪيا آهن، اهو اثر

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پاڻ ئي جل جلالہ، پاڻ ئي جمال جمال
پاڻ ئي صورت پرينءَ جي، پاڻ ئي حسن ڪمال
پاڻ ئي پير مريد ٿئي، پاڻ ئي پاڻ خيال
سو سيوڻي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي

نہ رڳو ايترو پر شاهہ صاحب بيتن ۾ شاهہ لطف الله قادريءَ جون سٽون بطور تضمين طور ڪم آنديون آهن: مثلاً شاهہ صاحب فرمايو آهي تہ:

”مهائي جي من ۾، گيرب نہ گاهہ“

”گيرب نہ گاهہ“ قادري صاحب پهريون پيرو ڪم آندو ۽ فرمايو هو تہ:

آت آهي عجز سڀ ڪنهن ڪي، نڪي گيرب نہ گاهہ

اهڙين تظمينن جا ڪجهہ نمونا هيٺ ڏجن ٿا.

| شاهہ لطف الله قادري | شاهہ عبداللطيف |
|---|---|
| عقل آت اوچون ٿيو، | عقل آت اوچون ٿيو، |
| نڪو فڪر پنڌ. | هو هليا سامهون هوءِ. |
| اوءِ ڀيون ڏيئي ڀن، | ڀيون ڏيئي ڀن، |
| بينا ذات محبت ۾. | گرڪي گڏيا ڪاپڙي. |
| سڪ تنهنجي سپرين، | سڪ تنهنجي سپرين، |
| اندر ٻارين آڳ. | اندر ٿي اجهاڳ |
| طوق چڙي تاج | هٽي توبہ تاڙ |
| اوءِ نانگا نسورا ٿيا | اوءِ نانگا نسورا ٿيا. |

انهن مڙني ڳالهين مان معلوم ٿئي ٿو تہ، شاهہ لطف الله قادريءَ جي ماڳ اڳهاڻي تان پٽ ڏٺيءَ ضرور پيرو ڪيو آهي ۽ اِها جڳهہ انهيءَ پلاري بزرگ جي فيض ڪان ٻالهي نہ رهي آهي.

ڪيون ۽ پوءِ محمد هاشم جي سونهپ وسيلي پاڻ ٺاري شاهه ڏانهن روانون ٿيو.

ڏاتي فقير جو وهڻائيءَ ۾ اڃ به تڙ مشهور آهي نه رڳو ايترو پر وهڻائي جي قتل ڏڙي ٿيل شهر جي پرسان ڏاتي فقير جي اڪيلي ٻُني پڻ آهي. انهيءَ ٻنيءَ تي ٻيهڻ سان ڪـنن ۾ آواز پڙلاءُ ڪري آئن ٿا ته:

ڏينـهان ڏاري وسين، راتـيون روئـن رت ڦڙا.
لنبڻيءَ جي لبيس، ڪانـڊ ڪمينيءَ ڪـٿـيو.

## حوالا

راوي

– مرحوم عبدالرسول وهڻائي
– سيد غلام مصطفيٰ شاهه وهڻائي
– حڪيم شاهنواز "شائق" بديع

ڪتاب

– ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ، شاهه جو رسالو ١٨٦٦ع
– محمد عثمان ڏيپلائي شاهه جو رسالو ١٩٥١ع
– علام آءِ آءِ قاضي، شاهه جو رسالو ١٩٦١ع

## شاهه عبداللطيف ۽ خواجه محمد زمان جي ملاقات

شاهه صاحب لاڙ ڏانهن آخرين وقت ۾ ٻه ڦيرا ڪيا. پهريون ڦيرو خواجه محمد زمان سان ملاقات لاءِ سفر ڪيائين ۽ ٻيون ڦيرو ڪربلا موليٰ جي زيارت لاءِ ونگي ڪان ٿي راهمڪي بندر تائين ويا ۽ پوءِ آتان واپس ٿي ڀٽ شاهه تي آخرين وقت اچي گذاريائين. هونئن پاڻ اڪثر انهيءَ پاسي قدم ڏريندا هئا ۽ ساڳرو سندس سفر جو ساٿي هوندو هو. سندن پيري جو وقت هو ته، دل ۾ خيال ٿين ته، نقشبندي بزرگ خواجه محمد زمان سان

بيتن جون پڙهيون پڻ حاشيہ تي لکيون ويون آهن.

چون ٿا تہ، هن رسالي جي لکڻ وقت ٻڙ جي ڏوري جا جت، خصوصاً رمضان جت وڏل شاهہ جو ٻانهن ٻيلي تي رهيو هو ۽ شاهہ جي رسالي جا چاڙو ڪاري، جاتي، مانڊر، ڪڇ، ونگي ۽ ولاسي ڪان سواءِ تر مان بہ گهرايو عبدالعظيم شاهہ کي ڏيندو هو ۽ هتان هُتان شاهہ صاحب جي ڪلام ٻڌائڻ وارن جي خدمت چاڪري ٻڙ جي ڏوري وارو رمضان جت ڪندو هو جنهن جو گنگا جتڻ سان رت جو ناتو هو. شاهہ صاحب حق تي چئي ويو هو تہ:

"جيءَ ۾ جت رهن، ٻي پروڙي پاسي پانئيان"

شاهہ جي جيءَ ۾ جت رهيا تہ جتن بہ شاهہ کي وساري ڪونہ ڇڏيو. اڄ بہ جيترو ڪلام جتن کي ۽ جيترا خطي نسخا جتن وٽ آهن، اوترا شاهہ جي رسالي جا خطي نسخا ٻين ذاتين وٽ شايد ئي ڪي هجن. شاهہ صاحب ٻڙ جي ڏوري وارن وٽ نہ رهي ها تہ شايد ڪر اڄ شاهہ جو رسالو بہ وجود ۾ ڪونہ هجي ها.

شاهہ صاحب ٻڙ جي ڏوري جي پرسان ويو هو، آهو ڏورو بدين کان ٢٠ ميل ڏکڻ، ڏکڻ اوڀر طرف ساڳئي احترام سان موجود آهي ۽ اهو ٻڙ جتي شاهہ وڃي مانجهادو ڪيو ۽ وڏل شاهہ گنج لکيو هو ۽ رمضان فقير شاهہ جو راڳ ڪيو هو انهيءَ جا ڏار پٽ تي ڪري پيا آهن. پر احترام سبب انهن ڏارن کي ڪوبہ هٿ ڪونہ ٿو لڳائي ۽ آهو ٻڙ نيري جي ڪنڌيءَ تي شاهہ صاحب جي آمد جي ياد ڏهرائڻ لاءِ هڪ مسند ڪتاب وانگر پکڙيو پيو آهي.

## حوالا

راوي

- جان محمد جت رهندڙ لڳ ڪيڻ (بدين)
- ميان جي مقيم جت رهندڙ ٻڙ جو ڏورو لڳ ڪيڻ (بدين)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

وارن سائين جي ڪري چڙيو هو ۽ گهانبرا جي پيٺ ڪندي چوندي ويو ته:

گهانڊار مرون موهيا، هي ماڻهو موهيندڙي."

ڏنبو اڄ به فقير ڪٺو وڃائين پيا، ماڻهو اڄ به چون پيا ته: "ڏنبو وڳو، بلا پڳي." پر ولاسي ۾ اڄ گهانڊار جو شڪار ڪونه ٿو ٿئي، اهو تاريخي ورق صرف پيٽ ڏٺيءَ جي تاريخي مطالعي وسيلي ئي اسان کي مليو آهي جي پيٽ ڏٺي نه هجي ها ته، اسان جو اهو گهانڊار وارو ورق به وڃايل هجي ها. انهيءَ ڪري اسان اهو چئون ته پيٽ ڏٺي سنڌ جي تاريخ جو محافظ آهي ۽ سنڌ جي تاريخ جو وڏو ماخذ آهي ته اها رائي حقيقت ڪان پري نه ليکبي.

## حوالا

### راوي

- فقير مقيم جت: ٻڙ جو ڊورو
- ماستر عبدالرحيم جت: ٻڙ جو ڊورو

### ڪتاب

- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "شاهه جو رسالو" ١٩٤٧ع

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com



books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

لشڪر جو همدرد ۽ في سبيل الله طور سر ڏيندڙن ۾ ڳڻيو ۽ ڪيس ڪيڏاري جي ڪوندرن ۾ شامل ڪيو. راوت ڳَجر لاءِ اهو هڪ وڏو اعزاز هو ۽ سندس مان ۽ شان انهيءَ ڪري مٿاهون ٿي ويو. ۽ هُو سنڌ جي تاريخ جو اهم ڪردار ٿي ويو. اهوئي سبب آهي جو لطيف سائين جو رسالو سنڌ جي تاريخ جو اهم تاريخي اشارتي ماخذ پڻ ڳڻجي ٿو. چو ته لطيف سائين سنڌ جي لڪل تاريخ پڌري ڪئي آهي.

## حوالا

### راوي

- قاضي سليمان پان. رهندڙ ڳوٺ ٻيڙو ويران. لڳ ڪوسڪي.
- ابوبڪر لنڊ. رهندڙ مٽي، بدين.
- ماستر عبدالرحمان جت، ڳوٺ ٻڙ جو ڍورو لڳ ڪڍڻ (بدين)
- محمد حسين جت، پٺاڻ ڪوٽ (بدين)
- احمد لُنڊ رهندڙ ٻيلو، مٽي (بدين)
- محمد الياس جمالي- مٽي - بدين.

### ڪتاب

- محمد سومار شيخ، لاڙ جا قديم آثار.
- غلام محمد شاهه واڻي. شاهه جو رسالو- ١٩٦١ع
- ڊاڪٽر نبي خان بلوچ شاهه جو رسالو- ١٩٧٧ع
- محمد سومار شيخ لاڙ جا هنرمند (قلمي نسخو)
- قاضي محمد سليمان پان. سميجن جي تاريخ- ١٩٨٥ع
- محمد سومار شيخ. لاڙ تان ثقافتي پيرا (قلمي نسخو)
- محمد سومار شيخ- پنجاب ۽ سنڌ جا ثقافتي- تعلقات.

(قلمي نسخو)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

۾ ھڻ ڪجھ ساڳيون خاصيتون قائم رھيون. شاھ جي وڄڻ ڪان پوء انھيءَ تڪيي تي ڪنڀار ڏيئو ٻاريندا ھئا، حافظ ڀنائي ڪنڀار ۽ جمعون ڪنڀار ڀڄاڙيءَ وارا ڏيئو ٻاريندڙ ھئا. انھيءَ ڪان پوء رينجرس فورس وارا انھيءَ ڏيئي جي جوت جلائيندا اچن، ۽ ڏيئو ٻرندو تو اچي. شيخ محمد شاھ، شاھ عبداللطيف جي ھجري تي سال بسال چيٽ ۾ ميلو ڪندو ھو. ميرخان راھمي ٻڻ ھن ميلي کي زور وٺايو، ڏنگ، شڪور، علي بندر ۽ ولاسي جا ماڻھو ھن ميلي ۾ شامل ٿيندا ھئا ۽ شاھ جو راڳ پيار ۽ پاٻوھ سان ٻڌندا ھئا. ھن ھجري جي آثر ٿان لياري، ڏڪڻ ٿان ڪانجھي ڪوٽ، ايرندي ٿان راھڪي بازار ۽ الھندي ٿان ڍنڍي نالي جايون موجود آھن.

## حوالا

### راوي

- استاد مير محمد لنڊ: ڪيٽي مير ٺارو خان- لنڊو باگو
- جان محمد جت: ڪيڻ
- محمد صالح ڪنڀار- ڪيڻ
- مرحوم پريو سولنگي: لڳ ڪيڻ
- فقير لونگ سولنگي: لڳ بديڻ




books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

## ڀل نامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٨ | ٥ | ڪرمپور | ميرانپور |
| ١٩ | ٢٧ | لاهه | راهه |
| ٢٠ | ١٢ | تي | ڪي |
| ٢٤ | ٤ | هوندو | ايندو |
| ٢٧ | ١١ | راڻو | راڻو |
| ٣٠ | ١٤ | محققاني | محققانه |
| ٣٠ | ١٤ | ويندانيت | ويدانيت |
| ٣٠ | ٢٠ | ٿارو شاهه | ٿارو |
| ٣١ | ١١ | لکيو | ڪتاب لکيو |
| ٤٠ | ١٢ | لاڙ | لاڙي |
| ٤٣ | ٦ | ڪيو | ڪيون ٿيو |
| ٥٠ | ١٧ | پٿيهل | وقت |
| ٥٢ | ١٧ | پٽيهل | چٽمل |
| ٧٠ | ١٠ | مست | سٽ |
| ٧٠ | ١٦ | رضوي | جهوڪ |
| ٧١ | ١٤ | مشڪ | مُ شڪ |
| ٨٠ | ١٨ | ورسي | ورٿي |
| ٨٣ | ٢٢ | جوني | چوني |
| ٩٤ | ٢ | گر | گر وٽ |
| ١٠٤ | ٥ | سنگ | سونگ |
| ١٠٩ | ٢٢ | پنهنجي | پنهنجي تاريخ جي |
| ١١١ | ١٧ | وڙ | ور |
| ١٢٤ | ٧ | ويسن | ويس سين |
| ١٢٤ | ٢٠ | موليٰ | معليٰ |
| ١٢٧ | ٩ | گوٺ جو پيو نالو | گوٺ |
| ١٣٩ | ١٠ | سالار يا | سالاريا |

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu